SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر **XIX**، مجريه **1973**

# SINDH ACT NO.XIX OF 1973

# سنڌ شهري غير منقولا جائيداد ٽيڪس (ترميمي) ايڪٽ 1973

# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ACT, 1973

## (CONTENTS) فهرست

ديباچو

1. مختصر عنوان ۽ عمل
2. 1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3 جي ترميم
3. 1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3-A جو متبادل
4. 1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 23 جي ترميم

# SINDH ACT NO.XIX OF 1973

# سنڌ شهري غير منقولا جائيداد ٽيڪس (ترميمي) ايڪٽ 1973

# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ACT, 1973

5 ڊسمبر 1973

تمهيد

هي قانون 1958ع جي سنڌ شهري منقولا جائيداد قانون ۾ وڌيڪ ترميم آڻڻ لاءِ جوڙيو پيو وڃي.

جيئن ته مصلحت هيئ 1958ع سنڌ شهري غير منقولا جائيداد ٽيڪس (محصول) ۾ ترميم ڪري هيٺ ڏنل طريقي سان ايڪٽ ڪي واضح ڪيو پيو ويو.

مختصر عنوان ۽ عمل

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ شهري غير منقولا جائيداد ٽيڪس 1973ع سڏرائيندو.

(2) سمجهيو ويندو ته ان جا دفعات ”2“ ۽ ”3“ پهرين جولاءِ 1972 کان لاڳو ٿيل آهن.

1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3 جي ترميم

2. 1958ع جي ايڪٽ سنڌ شهري ترميم جي دفعه ”3“ جي ذيلي دفعه (2) لاءِ شرطيه جملي وضاحت کانسواءِ باقي هن ريت تبديل ٿيل ڄاتو ويندو.

”(2) هن ايڪٽ جي ذيلي دفعه ”3“ ۽ ”4“ جي روشنيءَ ۾ عمارتن ۽ زمينن تي سالياني ٽيڪسن هن پئماني مطابق مڙهي، ورتي ۽ ګڏ ڪئي يندي.

| | |
|---|---|
| (a) ڪراچي ضلعي جي متعلق علائقن جا اگهه (Rates) | |
| (i) جتي سالياني ملڪيت 250 رپين کان وڌيڪ مگر 12000 کان کان گهٽ | ملڪيت جي سالياني ملهه تي 20 سيڪڙو |
| (ii) جتي سالياني ماليت 12000رپين کان وڌيڪ ليڪن 20000 رپين کان گهٽي نه هجي. | 22.1/2 سيڪڙو سالياني ماليت جي حساب سان |
| (iii) جتي مالڪيت 20000 رپين | ملڪيت جي سالياني ملهه تي 25 سيڪڙو حساب سان |

| | |
|---|---|
| کان گھٽي هجي. | |
| (b) حيدرآباد ۽ سکر جي متعلق علائقن ۾ | 16.1/2 سيڪڙو ساليانو ماليت جي حساب سان |
| (c) ٻين تعلق رکندڙ علائقن ۾ | 14.1/2 سيڪڙو ساليانو ملڪيت جي حساب سان. |

3. بيان ڪيل قانون جي دفعه "3-A" کي هن طرح سان تبديل ڪيو آهي.

1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3-A جي ترميم

"3-A" جمع ٿيل محصولات جيڪا تعلق رکندڙ علائقن کان حاصل ڪبي، ان مان 5 سيڪڙو ٽيڪس وصول ڪرڻ جي خرچ طور ڪٽي باقي بچت سرڪاري ۽ مقامي ڪائونسل جيڪا ان هن ريت ورهائي ڪٽندا.

a) ڪراچي ميونسپل ڪاميٽين جي صورت ۾ حڪومت ۽ ميونسپل ڪاميٽيز وچ ۾ تناسب 3.2 هوندو.

b) حيدرآباد ۽ سکر ميونسپالٽين جي صورت ۾ ان جو تناسب 20.13 هوندو.

c) اگر ڪنهن ٻي صورت ۾ حڪومت ۽ مقامي ڪائونسل جو تناسب "20.09" هوندو.

4. تبديلي هيٺ آيل ايڪٽ جي دفعه 23 ۾ ذيلي دفعه (3) ڪانپوءِ جيڪو فل اسٽاپ اچي ٿو، ان بدران ڪاما رکي ويندي ۽ ان ۾ هي شرطيه الفاظ وڌايا ويندا:-

1958ع جي ويسٽ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 23 جي ترميم

"مگر شرط هي آهي ته غلط بيان ڪيل يا داخل ڪيل ٽيڪس بابت انگ اکر، جيڪي ٽيڪس گھٽائڻ لاءِ مهيا ڪيا ويا ته ان کان 500 روپيا ڏنڊ وٺبو يا ٽيڪس کان ٻيٽي رقم جيترو وٺبو، پر اهو ٻنهي مان جيڪو وڌو هجي."

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.